SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريہ 2004

SINDH ORDINANCE NO.VII OF 2004

سنڌ جا ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس (ترميم) آرڊيننس، 2004

THE SINDH BOARDS OF INTERMEDIATE AND SECONDARY EDUCATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 2004

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. 1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعہ 2 جي ترميم

Amendment of section 2of Sindh Ordinance VI of 1972

3. 1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعہ 3 جي ترميم

Amendment of section 3 of Sindh Ordinance VI of 1972

4. 1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعہ 4 جي ترميم

Amendment of section 4 of Sindh Ordinance VI of 1972

5. 1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي شيڊول جي تبديلي

Amendment of Schedule to Sindh Ordinance VI of 1972

سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريہ 2004

SINDH ORDINANCE NO.VII OF 2004

سنڌ جا ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس (ترميم) آرڊيننس، 2004

THE SINDH BOARDS OF INTERMEDIATE AND SECONDARY EDUCATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 2004

[7 ڊسمبر، 2004]

سنڌ جي ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم جو آرڊيننس.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ جي ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم

ڪٽڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ جا ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس (ترميم) آرڊيننس، 2004 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعہ 2 جي ترميم

Amendment of section 2 of Sindh Ordinance VI of 1972

2. سنڌ جا ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس آرڊيننس، 1972 ۾، جنهن کي بعد ۾ بہ ڇاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2 ۾، شق (u) ۾، لفظ "بورڊس ايٽ حيدرآباد" جي لاءِ، لفظ "بورڊس ايٽ حيدرآباد ۽ ميرپورخاص" هوندا:

1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعہ 3 جي ترميم

Amendment of

3. ڇاڻايل آرڊيننس، جي دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (1) ۾:

(i) شق (c) ۾ ، آخر ۾ ايندڙ لفظ "۽" ختم ڪيا ويندا.

(ii) شق (d) جي آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن ۽ لفظ "؛۽"؛ سان بدلايو ويندو ۽ ان کانپوءِ

هيٺ ڄاڻايل کي شامل ڪيو ويندو:ـ

(iii) شق (b) کانپوءِ، هيٺين شق (c) شامل ڪئي ويندي:

"(e) ميرپورخاص ۾ هڪ بورڊ جيئن بورڊ آف انٽرميڊيٽ اينڈ سيڪنڈري ايجوڪيشن، ميرپورخاص سڏيو ويندو."

section 3 of Sindh Ordinance VI of 1972

4. ڄاڻايل آرڊيننس، جي دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (1) جي شق (iii) ۾:

(i) ذيلي شق (d) ۾، آخر ۾ موجود لفظ "ءِ" ختم ڪيو ويندو.

(ii) ذيلي شق (e) جي آخر ۾ اينڈڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن ۽ لفظ ":ءِ" کي متبادل بڻايو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺ ريت اضافو ڪيو ويندو:

"(f) ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊ ميرپورخاص، ايگزيڪٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر ايجوڪيشن."

1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعہ 4 جي ترميم

Amendment of section 4 of Sindh Ordinance VI of 1972

5. ڄاڻايل آرڊيننس جي شيڊول ۾، لفظ "حيدرآباد" جتي به اچي، ان کي لفظن "حيدرآباد يا ميرپورخاص" سان متبادل بڻايو ويندو.

1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي شيڊول جي تبديلي

Amendment of Schedule to Sindh

Ordinance VI of 1972

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.